# معلوماتي پمفليٽ

سنڌي




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: معلوماتي پمفليٽ

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# معلوماتي پمفليٽ

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

# فهرست

معلوماتي پمفليٽ ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................................ 1
عجيب انداز ۾ نفس جي پڪڙ ........................................ 1
حبِّ جاه جي لذّت عبادت جي مشڪل آسان ڪري ڇڏيندي آهي ........................................ 2
حُبِّ جاه جي بابت اهم ترين مدني گلَ ........................................ 3
فون تي يا روبرو گفتگو ڪرڻ ڪان پهريان جون 40 نيّتون ........................................ 6
گهرن جي باري ۾ اهم هدايتون ........................................ 7
نيڪي جي دعوت (مختصر) ........................................ 9
سڀ ڪان سٺو ڪير؟ ........................................ 9
عمامي جا 17 مدني گلَ ........................................ 10
حضور جي عمامي شريف جو نالو ........................................ 12
مسجد جي امام جي لاءِ نهايت مفيد 30 مدني گلَ ........................................ 12
قيامت جي دهشت ڪان محفوظ ماڻهو ........................................ 17
آفتن جا فضائل ۽ 20 روحاني علاج ........................................ 18
پنهنجا ڏندَ غور سان آئيني ۾ ڏسي وٺو ........................................ 24
(ڏندَ صاف ڪرڻ جي) بهترين دوا ........................................ 25

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# معلوماتي پمفليٽ

**دعاءِ عطار:** ياربَّ المُصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”معلوماتي پمفليٽس“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي پنهنجي زندگي نيڪين ۾ گذاريندي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مسلمان جيستائين مون تي درود پڙهندو رهي ٿو ملائڪ ان تي رحمتون موڪليندا رهن ٿا، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي گهٽ پڙهي يا وڌيڪ. (ابن ماجه،1/490،حديث:907 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عجيب انداز ۾ نفس جي پڪڙ

حضرت سيّد ابو محمد مُرتَعِش رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”مون ڪيئي حج ڪيا ۽ انهن مان اڪثر حجن جو سفر بنا سازوسامان ڪٽڻ جي ڪيو. پوءِ مون تي ظاهر ٿيو تہ هي سڀ تہ منهنجي نفس جو دوکو هو ڇوتہ هڪ پيري منهنجي ماءُ مونکي پاڻيءَ جو مَٽُ ڀري اچڻ جو حڪم ڏنو تہ منهنجي نفس تي ان جو حڪم ڳرو (يعني ڏکيو) گذريو. بهرحال مون سمجهي ورتو تہ حج جي سفر ۾ منهنجي نفس منهنجي مُوافقت صرف پنهنجي لذّت جي لاءِ ڪئي ۽ مونکي دوکي ۾ رکيو ڇوتہ جيڪڏهن منهنجو نفس فنا ٿي چڪو هجي ها تہ اڄ هڪ شريعت جو حق پورو

ڪرڻ (يعني ماءُ جي اطاعت ڪرڻ) ان (يعني نفس کي) نهايت مشڪل محسوس ٿئي ها!" (رساله قشيريه ، ص135)

## حبِّ جاه جي لذّت عبادت جي مشڪل آسان ڪري ڇڏيندي آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ڪهڙي ديني سوچ رکندا ۽ ڪيتري قدر عاجزيءَ جا عادي هوندا هئا! ڪِن ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته اهي عام ماڻهن سان ته جهڪي ڪري ملندا ۽ انهن جي لاءِ نرم ٿي ويندا آهن پر والدين، ڀائرن ڀينرن ۽ ٻارَن ٻچن سان انهن جو ورتاءُ سخت غير اخلاقي ۽ بعض اوقات نهايت ئي دل ڏکوئيندڙ هوندو آهي، ڇو؟ ان ڪري جو عوام ۾ چڱي اخلاق جو مظاهرو ڪرڻ عام مقبوليت جو باعث بڻجندو آهي، جڏهن ته گهر ۾ چڱي سلوڪَ ڪرڻ سان عزت ۽ شهرت ملڻ جي ڪا خاص اميد ناهي هوندي ، ان ڪري هي ماڻهو عوام ۾ تمام گهڻا منا منا ٿي ڪري رهندا آهن، اهڙيءَ طرح جيڪي اسلامي ڀائرَ ڪجهه مستحب ڪمن جي لاءِ وڏي ڪري قربانيون ڏيندا آهن پر فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي ۾ ڪوتاهيون ڪندا آهن مثال طور ماءُ پيءُ جي اطاعت، ٻارن ٻچن جي شريعت جي مطابق تربيت ۽ خود پنهنجي لاءِ فرض علوم جي حاصل ڪرڻ ۾ غفلت سان ڪم وٺندا آهن انهن جي لاءِ به هن حڪايت ۾ عبرت جا نهايت ئي اهم مدني گلَ آهن. حقيقت هي آهي ته جنهن نيڪ ڪمن ۾ "شهرت" ملندي ۽ واهه واهه ٿيندي آهي" اهي ڏکيا هئڻ جي باوجود آسانيءَ سان سَر انجام ڏنا ويندا آهن ڇو ته حُبِّ جاهه (يعني شهرت ۽ عزت جي چاهت) جي سبب ملڻ واري لذّت وڏي ڪان وڏي مشڪلات آسان ڪري ڇڏيندي آهي. ياد رکو! "حبِّ جاهه" ۾ هلاڪت ئي هلاڪت آهي. عبرت جي لاءِ به فرامينِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪيو: (1) الله

پاڪ جي طاعَت (يعني عبادت) کي ٻانهن جي طرفان ڪئي ويندڙ تعريف جي محبت سان ملائڪ ڪان ٻچندا رهو، ڪٿي توهان جا اعمال برباد نه ٿي وڃن. (فردوس الاخبار،223/1، حديث :1567) (2) ٻه بکايل ٻگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ايتري تباهي ناهن مچائيندا جيتري تباهي حُبِّ مال ۽ جاهہ (يعني مال ۽ دولت ۽ عزت ۽ شهرت جي محبت) مسلمان جي دين ۾ مچائيندي آهي. (ترمذی، 166/4،حديث: 2383)

## حُبِّ جاهہ جي بابت اهم ترين مدني گلَ

”حُبِّ جاهہ“ جي حوالي سان احياءُ العلوم جي ٽئين جلد مان ڪجھ تبديلي سان ڪجھ مدني گل پيش ڪجن ٿا: ”(حُبِّ جاهہ ۽ ريا) نفس کي هلاڪ ڪرڻ وارن آخري ڪمن مان ۽ باطني مَڪر ۽ فريب مان آهي، هن ۾ علماء، عبادت گذار ۽ آخرت جي منزل طي ڪرڻ وارا ماڻهو مبتلا ڪيا ويندا آهن. اهڙي طرح جا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن خوب ڪوششون ڪري عبادت ڪرڻ، نفساني خواهشن تي ڪنٽرول ڪرڻ بلڪ شبهات ڪان به پاڻ کي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن، پنهنجن عضون کي ظاهري گناهن ڪان به بچائي وٺندا آهن پر عوام جي سامهون پنهنجن نيڪ ڪمن، ديني ڪارنامن ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ڪئي ويندڙ ڪوشش (جيئن مون هي ڪيو، هو ڪيو، هُتي بيان هو، هِتي بيان آهي، بيانات جي لاءِ ايترين تاريخون ”بُڪ“ آهن، مدني مشورن ۾ رات ايترو ٽائم ٿي ويو ۽ آرام نه ملڻ جي ٿڪاوت آهي ان ڪري آواز وينل آهي. مدني قافلي ۾ سفر آهي، هيترن هيترن مدني قافلن ۾ يا ديني ڪمن جي لاءِ فلاڻي فلاڻي شهرن، ملڪن جو سفر ڪري چڪو آهيان وغيره وغيره) جي اظهار جي ذريعي پنهنجي نفس جي راحت جا طلبگار هوندا آهن، پنهنجو علم ۽ عمل ظاهر

ڪري مخلوق ۾ مقبوليت ۽ انهن جي طرفان ملڻ واري عزت ۽ تعظيم، دَادُ ۽ عزت جي لذّت حاصل ڪندا آهن، جڏهن مقبوليت ۽ شهرت ملڻ لڳندي آهي ان جو نفس چاهيندو آهي تہ علم ۽ عمل وڌ کان وڌ ظاهر ٿيڻ گهرجي تہ جيئن اجان بہ عزت وڌي لهٰذا هو پنهنجي نيڪين، علمي صلاحيتن جي مناسبت سان مخلوق جي اطلاع جا وڏيڪ رستا ڳوليندو آهي ۽ خالقِ ڪريم جي اطلاع تي (تہ منهنجو ربّ منهنجي اعمال سان باخبر آهي ۽ مونکي اجر ڏيڻ وارو آهي ان تي) قناعت ناهي ڪندو بلڪ هن ڳالھ تي خوش ٿيندو آهي تہ ماڻهو هن کي دادُ ڏين ۽ تعريف ڪن، الله پاڪ جي طرفان حاصل ٿيڻ واري تعريف تي قناعت ناهي ڪندو، نفس هي ڳالھ چڱي طرح ڄاڻيندو آهي تہ ماڻهن کي جڏهن هن ڳالھ جي خبر پوندي تہ فلاڻو ٻانهو نفساني خواهشن جو ڇڏيندڙ آهي، شبهات کان بچندو آهي، راهِ خدا ۾ خوب پيسا خرچ ڪندو آهي، عبادت ۾ سخت مشقت برداشت ڪندو آهي (خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي ۾ خوب روئيندو ۽ ڳوڙها وهائيندو آهي، ديني ڪمن جون خوب ڌومون مچائيندو آهي، ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ پاڻ ڳاريندو آهي، خوب مدني قافلي ۾ سفر ڪندو، ڪَرائيندو آهي، زبان اک ۽ پيٽ جو قفلِ مدينہ لڳائيندو آهي، روزانو فيضانِ سنّت جا هيترا هيترا درس ڏيندو آهي، مدرسةُ المدينہ (بالغان)، نماز فجر جي لاءِ جاڳائڻ، علاقائي دوري جو وڏو پابند آهي) تہ انهن جي زبان تي هن جي وڏي تعريف جاري ٿيندي، هُو ان کي عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏسندا، ان جي ملاقات ۽ زيارت کي پنهنجي لاءِ سعادت جو باعث ۽ آخرت جو سرمايو سمجهندا. حصولِ برڪت جي لاءِ گهر يا دڪان تي بہ پيرَ رکڻ، دعا ڪرڻ، چانهہ پيئڻ، کاڌي جي دعوت قبول ڪرڻ جي تمام گهڻيون منٿون ڪري درخواست ڪندا، ان جي صلاح تي هلڻ ۾

ٻنهي جهانن جي ڀلائي تصور ڪندا، اُن ڪي جتي ڏسندا خدمت ڪندا ۽ سلام عرض ڪندا، هن جي اُوبرَ ڪائڻ پيئڻ جي لالچ ڪندا، هن جو تحفو يا سندس هٿ ڪي لڳل شيءِ حاصل ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪندا، سندس ڏنل شيءِ چُمندا، هن جا هٿ پيرَ چمندا، احترام ڪندي ”حضرت! حضور! اي سيّدي!“ وغيره لقبن سان عاجزيءَ واري انداز ۽ آهستہ آواز ۾ گفتگو ڪندا، هٿ ٻڌي ڪري مٿو جهڪائي ڪري دعائن جون التجائون ڪندا، مجلسُن ۾ هن جي اچڻ تي تعظيم ڪندي اٿي بيهندا، هن کي ادب واري جڳهہ تي ويهاريندا، هن جي اڳيان هٿ ٻڌي ڪري بيٺا هوندا، هن کان پهريان ڳالهہ شروع نہ ڪندا، عاجزي واري انداز ۾ تحفا ۽ نذرانا پيش ڪندا، خاطرداري ڪندي هن جي سامهون پنهنجو پاڻ کي ننڍو (مثال طور خادم يا غلام) ظاهر ڪندا، واپار ۽ ٻين معاملات ۾ آساني ڪندا، هن کي شيون سٺي ڪواليٽي جون ۽ اهي بہ سَستيون يا مفت ۾ ڏيندا، هن جي ڪمن ۾ ان جي عزت ڪندي جهڪي ويندا، ماڻهن کي هن طرح جي عقيدت ڀري انداز سان نفس کي تمام گهڻي لذّت حاصل ٿيندي آهي ۽ هيءَ اها لذّت آهي جيڪا تمام خواهشات تي غالب آهي، اهڙيءَ طرح عقيدت منداڻي لذتن جي سبب گناهن کي ڇڏڻ ان کي معمولي ڳالهہ لڳندي آهي ڇو تہ ”حُبِّ جاهہ“ جي بيمار کي نفس گناهہ ڪرائڻ جي بدران ابتو سمجهائيندو آهي تہ ڏس گناهہ ڪندي تہ عقيدت مند اکيون ڦيري وينديءَ! لهٰذا نفس جي تعاون سان مُعتقدين ۾ پنهنجو وقار برقرار رکڻ جي جذبي جي سبب عبادت تي استقامت جي شدّت ۾ نرمي ۽ آساني محسوس ٿيندي آهي ڇو تہ اهو باطني طور تي لذّتن جي لذّت ۽ تمام شهوات (يعني خواهشات) کان

وڏي شَهوت (يعني عوام جي عقيدت سان حاصل ٿيڻ واري لذّت) جي پهچان (سڃاڻپ) ڪري وٺندو آهي، هو هن غلط فهمي ۾ پئجي ويندو آهي ته منهنجي زندگي الله پاڪ جي لاءِ ۽ ان جي مرضي جي مطابق گذري رهي آهي، حالانڪ ان جي زندگي ان لڪيل (حُبِّ جاه يعني پنهنجي واه واه چاهڻ واري لڪيل) خواهش جي هيٺ گذرندي آهي جنهن جي اِدراڪ (يعني سمجهڻ) ڪان نهايت ئي مضبوط عقلَ بہ عاجز ۽ بيوس آهن، هو الله پاڪ جي عبادت ۾ پنهنجو پاڻ کي مخلص ۽ پاڻ کي الله پاڪ جي مَحارم (حرام ڪيل معاملن) کان اِجتناب (يعني پرهيز) ڪرڻ وارو سمجهي وٺندو آهي، حالانڪ ايئن ناهي هوند هُو تہ ٻانهن جي سامهون زيب و زينت ۽ تَصنُّع (ڏيکاءُ) جي ذريعي خوب لذّتون ماڻي رهيو آهي، ان کي جيڪا عزت ۽ شهرت ملي رهي آهي اُن تي وڏو خوش آهي. اهڙي طرح عبادتن ۽ نيڪ ڪمن جو ثواب ضايع ٿي ويندو آهي ۽ ان جو نالو منافقن جي فهرست ۾ لکيو ويندو آهي ۽ هُو نادان هي سمجهي رهيو هوندو آهي تہ ان کي الله پاڪ جو قرب حاصل آهي!“ (احياء العلوم،3/338 بتصرف)

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو　　کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش ،ص78)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فون تي يا روبرو گفتگو ڪرڻ ڪان پهريان جون 40 نيّتون

(هتن مان موقعي جي مناسبت سان بہ چار نيّتون ڪري ئي وٺو)

(1) حتّي الامڪان نگاهون جهڪيل (2) سُنّي نيّت سان سلام ۾ اڳرائي(3)سلام جو جواب (4) صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد (5) طبيعت

پڇڻ (6) هو طبيعت پڇي ته حمد (7) نچ جو جواب (8) پنهنجي نچ جي حمد جي جواب جو جواب (9) اَنْزِلُوا النَّاسَ مَنَازِلَهُمْ تي عمل (10) كَلِّمُوا النَّاسَ عَلٰى قَدْرِ عُقُوْلِهِمْ جو خيال (11) پهريان تورينڊُس بعد ۾ ڳالهائيندُس (12) مُهذّب لهجو، توهان جناب... (13) گفتگو ۾ مسڪرائڻ جي سنّت (14) فضول گفتگو نه ڪندس (15) رڙيون ڪري نه ڳالهائيندس (16) طنز (17) بي جا اعتراض نه ڪندس (18) سامهون واري جي ڪاوڙ تي نرمي (19) ”ديڳهه“ نه ڪندُس (20) گهٽ الفاظ (21) ڪوڙ، ڪوڙو وڏاءُ نه ڪندس (22) بنا سوچڻ جي ها ۾ ها نه ملائيندس (23) ڪوڙي تعريف ۽ يليڪار نه ڪندس (24) مخاطب ڪي خاموشيءَ سان ٻڌندُس (25) ڳالھ نه ڪٽيندُس (26) سمجهي وڃڻ جي باوجود ”هُون؟“ يا ”جي؟“ يا ”چا چئي؟“ يا سوال ڪرڻ جي انداز ۾ متي جي اشاري ڪرڻ کان بچندس(27) سياسي تبصرن ۽ (28) دهشت گردين جي فضول تذڪرن کان بچڻ (29) غائب جي مَنفي تذڪري تي غيبت ۽ تهمت جي تعريف تي توجه ڏيندس(30) غيبت چغلي ڪرڻ ٻڌڻ کان پرهيز (31) ضرورت پوڻ تي تُوبُوا اِلَى اللهِ! (32) نيڪي جي دعوت (33) روبرو ۾ ممڪن هجي ته ڪجهه نه ڪجهه لکي ڪري يا اشاري سان گفتگو ڪندس (34) فضول الجهڻ کان بچندس (35) دل ڏکائڻ کان بچندس (36) خوشخبريءَ تي مبارڪباد (37) پريشانيءَ تي غمخواري (38) بين جي لاءِ سلام (39) بي حساب مغفرت جي دعا جي مدني التجا آهي (40) آخري سلام.

## گهرن جي باري ۾ اهم هدايتون

ﭪ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) جڏهن طبعي حاجت جي لاءِ وڃو ته قبلي جي طرف نه منهن ڪيو نه پُٺي. (بخاری، 155/1،حديث:394) (2) جيڪو

طبعي حاجت جي وقت قبلي ڏانهن منهن ۽ پُٺي نہ ڪري تہ ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي آهي ۽ هڪ گناھ مٽايو ويندو آهي. (معجم ا وسط، 362/1، حديث:1321) جيڪڏهن گهر جو نقشو نهرائڻ وقت آرڪيٽيڪٽ ۽ بلڊرز وغيره سُنين نيّتن سان هيٺ ڏنل ڪجھ ڳالهين تي عمل ڪن تہ تمام گهڻو ثواب ڪمائي سگهن ٿا:

(1) واش روم ناهڻ ۾ w.c جي ترڪيب هن طرح هجي جو ويهڻ وقت منهن يا پُٺ قبلي کان 45 ڊگري ٻاهر رهي ۽ آساني هن ۾ آهي تہ رُخ قبلي کان 90 ڊگري تي هجي يعني نماز کان بعد ٻئي پيرا سلام ڦيرڻ ۾ جنهن پاسي منهن ڪندا آهيون انهن ٻنهي پاسن مان ڪنهن هڪ پاسي w.c جو رُخ رکو. فقہ حنفيءَ جو مشهور ڪتاب ”دُرِّ مختار“ ۾ آهي: پاخانو ۽ پيشاب ڪرڻ وقت قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ ڪرڻ ناجائز ۽ گناھ آهي. (درمختار،608/1) (2) فوارو (SHOWER) لڳائڻ ۾ بہ اها ئي احتياط ڪئي وڃي تہ جيئن اوگهاڙو وهنجڻ وارو قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ ڪرڻ کان بچندو رهي. اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”اوگهاڙپ جي حالت ۾ قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ ڪرڻ مڪروھ ۽ ادب جي خلاف آهي.“ (فتاوٰی رضويہ، 349/23)

(3) بيڊ روم پلنگ جي ترڪيب هن طرح رکي وڃي جو سمهڻ مهل پيرَ قبلي ڏانهن نہ ٿين، گهٽ ۾ گهٽ 45 ڊگري کان ٻاهر رهن. ”فتاوٰي شامي“ ۾ آهي: ”ڄاڻي واڻي قبلي ڏانهن پيرَ ڊگهيڙڻ مڪروهِ تنزيهي آهي.“ (فتاوٰی شامی، 608/1 ، 610ملخصا) (4) مثال طور جيڪڏهن w.c يا شاور يا کٽ پلنگ وغيره جو رخ غلط هجي تہ اوگهاڙپ جي حالت ۾ منهن يا پُٺ قبلي ڏانهن هجن يا سمهڻ وقت پيرَ، تہ استنجا ڪرڻ واري يا وهنجڻ واري يا سمهڻ واري کي هر صورت ۾ هن

ڳالھ جو خيال رکڻو پوندو تہ اوگھاڙو تي ڪري قبلي ڏانھن منھن يا پُٺ نہ ڪري، ايئن ئي پيرَ نہ ڊگھيڙي.

## نيڪي جي دعوت (مختصر)

اسان اللّٰہ پاڪ جا گنھگار ٻانھا ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا غلام آهيون. يقيناً زندگي مختصر آهي، اسان هر وقت موت جي ويجھو ٿيندا پيا وڃون، اسان کي جلد ئي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو، نجات اللّٰہ پاڪ جو حڪم مڃڻ ۽ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنّتن تي عمل ڪرڻ ۾ آهي.

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، ”دعوتِ اسلامي“ جو هڪ مدني قافلو......ڪان توهان جي علائقي جي...... مسجد ۾ ترسيل آهي. اسان ”نيڪي جي دعوت“ ڏيڻ جي لاءِ اوهان وٽ حاضر ٿيا آهيون. مسجد ۾ هاڻي درس هلي رهيو آهي، درس ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ مهرباني فرمائي هاڻي تشريف ڪٽي هلو، اسان توهان کي وٺڻ جي لاءِ آيا آهيون، اچو! تشريف ڪٽي هلو! (جيڪڏهن هو تيار نہ هجن تہ چئو) جيڪڏهن هاڻي نہ ٿا اچي سگھو تہ نمازِ مغرب اُتي ادا فرمايو، نماز کان بعد اِنۡ شاء اللّٰہُ الڪريم! سنّتن ڀريو بيان ٿيندو، توهان کي عرض آهي تہ بيان ضرور ٻڌندا. اللّٰہ پاڪ اسان ۽ توهان کي ٻنهي جهانن جون ڀلايون نصيب فرمائي، اٰمين.

## سڀ کان سٺو ڪير؟

هڪ ڀيري حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ منبر شريف تي جلوا افروز هئا تہ هڪ صحابي رَضِيَ اللّٰہ عَنۡه عرض ڪيو: ”يا رسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ماڻهن ۾ سڀ کان سُٺو ڪير آهي؟“ فرمايائون: ”ماڻهن مان اهو

شخص سيني کان سُنو آهي جيڪو ڪثرت سان قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪري، گھڻو متقي هجي، سڀ کان وڌيڪ نيڪي جو حڪم ڏيڻ وارو ۽ بُرائيءَ کان منع ڪرڻ وارو ۽ سڀ کان گھڻي صلهءِ رحمي (يعني رشتيدارن سان سُٺو ورتاءُ) ڪرڻ وارو هجي.“
(مسنداماماحمد،402/10، حديث: 27504 )

## عمامي جا 17 مدني گل

6 فرامينِ مصطفٰيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) عمامي سان ٻه رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي. (فردوس الاخبار، ج 2 ص 265 حديث 3233) (2) ٽوپي تي عمامو اسان ۽ مشرڪن جي درميان فرق آهي هر وَر تي جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو ان تي قيامت جي ڏينهن هڪ نور عطا ڪيو ويندو.
(جامع صغير ،ص353 ، حديث:5725)
(3) بيشڪ الله پاڪ ۽ ان جا ملائڪ دُرود موڪليندا آهن جمعي جي ڏينهن عمامو ٻڌڻ وارن تي (الفردوس بمأثور الخطاب،147/1، حديث:529) (4) عمامي سان نماز ڏهه هزار نيڪين جي برابر آهي (الفردوس بمأثور الخطاب 406/2، حديث:3805 ـ فتاوٰى رضويه 220/6) (5) عمامي سان هڪ جمعو بغير عمامي جي (70) جمعن جي برابر آهي (تاريخ ابن عساکر ،355/37) (6) عمامو عرب جو تاج آهي تہ عمامو ٻڌو توهان جو وقار وڌندو ۽ جيڪو عمامو ٻڌندو ان جي لاءِ هر وَر تي هڪ نيڪي آهي. (جمع الجوامع ،202/5، حديث:14536) (7) دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جو ڪتاب بهار شريعت حصو: 16 (312 صفحا)، صفحي 303 تي آهي: عمامو بيهي ڪري ٻڌو ۽ پاجامو ويهي پايو، جنهن ان جو اُلٽ ڪيو (يعني عمامو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو بيهي پاتو) اهو اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيندو

جنهن جي ڪا دوا ناهي(8) مناسب هي آهي تہ عمامي جو پهريون وَر مٿي جي ساڄي پاسي وڃي. (فتاوٰی رضويہ،199/22) (9) پاڪ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عمامي جو شملو عام طور پُٺ (يعني پُٺيءِ مبارڪ) جي پويان هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڄي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي درميان ٻہ شملا هوندا هئا، کاٻي پاسي شملو لٽڪائڻ سنّت جي خلاف آهي. (اشعة اللمعات ،582/3) (10) عمامي جي شِملي جو مقدار گهٽ ۾ گهٽ چار آڱر ۽ وڌ ۾ وڌ (اڌ ڀني تائين يعني تقريباً) هڪ هٿ (فتاوٰي رضويہ ج 22 ص 182) (11) عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 38) (12_13) عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش (ٻڌڻ) گنبذ نما هجي. (فتاوٰي رضويہ ج22 ص 186) (14_15)رومال جيڪڏهن وڏو هجي جو ايترا ور اچي سگهن جو مٿي کي ڍڪي ڇڏين تہ اهو عمامو ئي ٿي ويو ۽ ننڍو رومال جنهن سان هڪ ٻہ ور اچي سگهن ويڙهڻ مڪروہ آهي (فتاوٰي رضويہ 299/7) (16) عمامو لاهڻ وقت (ٻَڌل رکي ڇڏڻ جي بدران هڪ هڪ ڪري ور کوليو وڃي. (فتاوٰي عالمگيری، 330/5) (17) حضرت علّامہ شيخ عبد الحق مُحدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دَسْتَارِ مُبارَک آنحضرت صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دَر اَکْثَر سَفِيد بُوْد وَ گاہے سِياہ واَحياناً سَبز (پاڪ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عمامو شريف اڪثر اڇو، ڪڏهن ڪارو ۽ ڪڏهن سائو هوندو هو.)
(ڪشف الالتباس فی استحباب اللباس، ص38)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضور جي عمامي شريف جو نالو

حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن پنهنجي عمامي شريف جو هي نالو رکيو هُئائون جيئن ته ڤنا ڤِي الرّسول حضرت علامه يوسف بن اسماعيل نَبهاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عمامي شريف جو نالو ”سَحاب“ هو جيڪو پاڻ ڪريم جن حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي عطا فرمائي ڇڏيو هو.

(وسائل الوصول الى شمائل الرسول ، ص 119)

شان کیا پیارے عمامے کی بیاں ہو یانبی
تیری نعلِ پاک کا ہر ذرّہ رشکِ طور ہے

## مسجد جي امام جي لاءِ نهايت مفيد 30 مدني گلَ

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مَدَني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: توهان مان سُنا ماڻهو اَذان چون ۽ قاري امامت ڪن.“ (ابوداود ، 242/1، حديث:590) امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ارشاد: اسلام ۾ نماز نهايت اهم عبادت آهي ۽ ان جي ادائيگيءَ جي لاءِ تمام گهڻي احتياط جي ضرورت آهي ايستائين جو اسان جي عالم سڳورن واضح فرمايو آهي، ”جيڪڏهن نماز ڪجھ سببن جي ڪري صحيح ٿيندي آهي ۽ هڪ سبب سان فاسد، ته ان کي فاسد ئي قرار ڏنو ويندو.“ (فتاوٰى رضويه،555/6 تسهيلاً) وڌيڪ فرمائن ٿا: ”امام اهڙو شخص (مقرر) ڪيو وڃي جنهن جي طهارت صحيح هجي، قراءت صحيح هجي، سنّي صحيحُ العقيده هجي، فاسق نه هجي، ان ۾ مقتدين جي لاءِ نفرت واري ڪا ڳالھ نه هجي، نماز ۽ طهارت جي مسئلن کان آگاهه هجي.“ (فتاوٰى رضويه، 619/6)

❁اسلام جي بهترين خدمت ۽ حلال رزق جي حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو مسجد جي ”امامت“ به آهي، پر ممڪن هجي ته ”دعوتِ اسلامي“ جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه، محله سوداگران، پراڻي سبزي منڊي، ڪراچي ۾ (يا جتي آساني ٿئي اُتي) امامت ڪورس ضرور ضرور ڪريو. (الحمد لله ”شعبه امامت ڪورس“ جي تحت 5 مهينن جو ”امامت ڪورس“ ۽ ٻيو 10 مهينن جو ”قرآن لَرنِنگ ڪورس“ شروع ڪيو ويو آهي.)

(1) ”بهار شريعت“ جا شروع وارا چار حصا پڙهي ڪري سمجهي وٺو، ضرورت آهر اهلسنّت جي عالمن کان به رهنمائي حاصل ڪريو (2) نماز ۾ جيڪي سورتون ۽ اذڪار پڙهندا آهيون اهي لازمي ڪنهن سنّي قاري صاحب کي ٻڌائي وٺو (دعوت اسلامي جي ”تيست مجلس“ کي به ٻڌائي سگهو ٿا) (3) جيڪڏهن معاشي پريشاني نه هجي ته بنا اجرت جي امامت اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! توهان جي لاءِ ٻنهي جهانن ۾ سعادت جو باعث بڻبي.

**بنا اجرت اذان ۽ امامت جي فضيلت:** حضرت سَيِدُنا ابُو هرَيرَه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: ”امام ۽ مؤذّن کي انهن سڀني جي برابر ثواب آهي جن انهن سان گڏ نماز پڙهي آهي.“ (كنز العمال ، 4 / 239 ، حديث: 20370، بہارِ شريعت،558/1)

(4) سخت ضرورت نه هجي ته پگهار وڌائڻ جو مطالبو مناسب ناهي (5) گهٽي پگهار جي لالچ ۾ ٻئيءَ مسجد ۾ هليو وڃڻ هڪ امام کي ڪنهن به طرح جُڳائي نه ٿو (6) ٿي سگهي ته پيشگي پگهار نه وٺو بلڪ پهرين تاريخ کان پهريان به پگهار قبول نه ڪيو جو زندگيءَ

جو کھڙو پروسو! (7) سوال ڪرڻ، بلڪ قرض گھرڻ کان بہ بچو (8) اڄڪلھ ڪجھ امام ۽ خطيب پاڻ کي صرف ”خطيب“ ۽ ڪجھ مؤذِّنَ حضرات پاڻ کي ”نائب امام“ چوڻ چورائڻ پسند ڪرڻ لڳا آهن، امام الانبيا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلام کي ”امام“ ۽ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مؤذّن حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ديواني کي ”مؤذّن“ چورائڻ ۾ شرم محسوس نہ ڪرڻ گھرجي (9) تقوٰي جو لباس اختيار ڪريو. ڪوڙ، غيبت، چغلي، واعدي خلافي وغيره گناهن کان بچندا رهو، نہ تہ آخرت جي نقصان سان گڏوگڏ دنيا ۾ بہ ماڻهو توهان کان بدظن ٿيندا (10) گھٽو ڳالهائڻ، خوب ٺهڪ ڏيڻ ۽ مذاق مسخري ڪرڻ سان عزت ۽ وقار ۾ گھٽتائي ايندي آهي، مقتدين سان گھٽو بي تڪلف بہ نہ ٿيو نہ تہ هڪبئي جو لحاظ هليو ويندو (11) حُبِّ جاھ کان بچو، عزت ۽ شهرت ٻڌائڻ جي خواهش ۽ ڪوشش ۾ هلاڪت ئي هلاڪت آهي (12) امام جو خوش اخلاق هئڻ ماڻهن کي دين جي ويجهو ڪرڻ جي لاءِ نهايت ئي مفيد آهي تنهنڪري هر نماز پڙهائڻ کان بعد ماڻهن سان ملاقات فرمايو پوءِ ڪجھ دير جي لاءِ اتي ئي تشريف بہ رکو پر دنياوي ڳالهيون هرگز نہ ڪريو، صرف ديني گفتگو اها بہ آهستي ڪريو، تہ نمازين وغيره کي پريشاني نہ ٿئي (13) جيڪو امام ملنسار (خوش اخلاق) نہ هجي ماڻهن کان پري پري رهي يا صرف پاڻ جهڙن ڏاڙهي عمامي وارن سان ئي پيار محبت رکي تہ ٿي سگهي ٿو عام ماڻهو ان امام کان پري ڀڄن، ۽ هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ امامت وغيره ۾ ڏکيو (يعني مشڪل) وقت اچڻ

جي صورت ۾ ماڻهن جي تعاون کان محرومي رهي پوءِ......
(14) مؤذّن ۽ مسجد جي خادمن وغيره سان محبت ڀريو طريقو رکو انهن تي حڪم هلائڻ جي بدران سعادت سمجهندي موقعي جي مناسبت سان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي هٿن سان مسجد جي صفائي وغيره ڪندا رهو، فراسيون به پاڻ وڇائيندا ڪريو، غير ضروري بلب پکا وغيره به پاڻ ئي بند ڪري ڇڏيو (15) وضو خاني وغيره جي صفائي ۾ به مسجد جي خادم جو هٿ ونڊرايو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! خوب ثواب به ملندو ۽ محبت به وڌندي (16) مسجد جي انتظاميه کان هرگز نه الجهندا ڪريو، انهن سان حسنِ سلوڪ سان پيش اچو ۽ ڪوشش ڪري انهن کي هر مهيني ٽي ڏينهن دعوت اسلامي جي سنّتن سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرايو (17) ڪنهن به سنّي امام ۽ انتظاميه کان هرگز نه بگاڙيو، انهن تي تنقيد ڪري انهن کي پنهنجو مخالف نه بڻايو، مثال طور ڪڏهن توهان کان ڪوتاهي ٿي به وڃي ته فوراً معافي گهري وٺو. ها جيڪڏهن ڪنهن جي شرعي غلطي هجي ته نهايت نرميءَ سان روبرو ان جي اصلاح ڪيو (18) اطراف جي مسجدن جي اهلسنّت جي امامن ۽ مسجدن جي ڪميٽن سان سُٺا تعلقات قائم ڪيو ۽ انهن کي دعوت اسلامي جي گهٽو ويجهو ڪيو ۽ سنّتن سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلن ۾ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ڪرايو (19) جمعي ۽ عيدن ۾ اعلٰي حضرت جو "خطباتِ رضويه" ئي پڙهو. ("اسلامڪ ريسرچ سينٽر" (دعوت اسلامي) انهن خطبن کي مختصر ڪري " فيضانِ خطباتِ رضويه" جي نالي سان جاري

ڪيو آهي) (20) جمعي تي عام طور نمازين جي اڪثريت خطبي جي وقت پهچندي آهي ان صورت ۾ ماڻهن جي نفسيات جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي، مثال طور مقرر وقت تي جماعت قائم ٿيڻ، بيان ۾ مناسب دلچسپي جو ذهن ڏنو وڃي وغيره. بيان آسان ۽ سادن لفظن تي مشتمل هئڻ گهرجي، عوام ۾ مشڪل مضمونن کي نه ڇيڙيو، هن روايت: كَلِّمِ النَّاسَ عَلٰى قَدْرِعُقُوْلِهِمْ (يعني "ماڻهن جي عقلن جي مطابق ڪلام ڪريو." (مرقاة، 373/9) ) کي مدِ نظر رکو، عام طور ماڻهو اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْهِم جا واقعا ۽ ڪرامتون دلچسپي سان ٻڌندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن کي سنّتون به سيکاريون وڃن ته يڪدم ويجهو اچي ويندا آهن. قبر ۽ آخرت جي تياري جو ذهن به ڏنو وڃي، هر بيان جو اختتام دعوت اسلامي جي سنّتن سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏئي ته مدينه مدينه. (خاص طور دعوت اسلامي جي شعبي"ائمهءِ مساجد" سان تعلق رکڻ وارا "ائمه ۽ خطبا" هفتيوار رسالو مطالعو" مان ئي جمعي جو بيان فرمائن) (21) بيان، خطبو، دعا ۽ صلوٰة و سلام وغيره جي لاءِ اسپيڪر آف (OFF) هئڻ جي صورت ۾ وات جي سامهون پهريان ڪان ئي جمائي ونو پوءِ ان کي آن (ON)ڪيو نه ته "کڙ کڙ" جو نهايت ئي ناپسند شور مسجد ۾ ٿيندو (22) اهلسنّت جي عالمن جي وچ ۾ جن مسئلن ۾ اختلاف پاتو ويندو آهي انهن جي بيان کان اجتناب فرمايو (23) جيڪڏهن توهان باصلاحيت عالم دين آهيو ته روزانو قرآن جو درس (ڪنزالايمان شريف، تفسيرِ صراط الجنان مان) ۽ اهڙي طرح اهل هئڻ جي صورت درسِ

حديث ڏيڻ جو شرف حاصل ڪريو (24) بيان وغيره ۾ پنهنجي لاءِ عاجزي جا الفاظ چوڻ وقت دل تي غور ڪري وٺو جيڪڏهن ان وقت دل عاجزيءَ ڪان خالي هجي تہ انڪساري (نِوڙت) جي الفاظن سان توهان پاڻ کي ڪوڙ ۽ رياڪاري جي گناهہ ڪان ڪهڙي طرح بچائي سگهندؤ؟ (25) درس ۽ بيان ڪان پهريان تياري جي عادت بڻايو (26) بين ديني ڪتابن سان گڏوگڏ حُسامُ الحرمين، احياءُالعلوم، مِنهاج العابدين وغيره بہ مطالعي ۾ رکو (27) روزانو فيضانِ سنّت جو درس ڏيڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريو (28) توهان جي مسجد ۾ هفتيوار علاقائي دورو ضرور ٿيڻ گهرجي ان ۾ توهان پاڻ بہ شريڪ ٿيو، پوءِ ڏسو توهان جي مسجد ۾ سنّتن جون ڪهڙيون نہ ٿيون بهارون اچن (29) هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن سنّتون سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلي ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم ان جون برڪتون پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ (30) روزانو پنهنجي اعمال جو جائزو وٺي ڪري "نيڪ اعمال" جو رسالو پريو ۽ هر مهيني جي پهرين تاريخ پنهنجي "شعبہءِ اصلاحِ اعمال" جي ذميدار اسلامي ڀاءُ کي جمع ڪرائيندا رهو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم تقوٰي جو انمول خزانو هٿ ايندو ۽ عشقِ رسول جا ڇلڪندڙ جام نصيب ٿيندا.

## قيامت جي دهشت ڪان محفوظ ماڻهو

حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما ڪان روايت آهي تہ اللّٰه پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مَدَني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن

ارشاد فرمايو: ٽي ماڻھو اھڙا ھوندا جنھن کي وڏي گھبراھٽ (يعني قيامت) خوف زدہ نہ ڪري سگھندي ۽ حساب انھن تائين نہ پھچندو، ھُو مشڪ جي دڙي تي ھوندا ايستائين جو مخلوق حساب مان فارغ ٿي ويندي. (پھريون:) اھو شخص جيڪو اللہ پاڪ جي رضا جي لاءِ قرآن پڙھي ۽ ان جي ذريعي قوم جي امامت ڪرائي ۽ قوم بہ ان سان راضي ھجي. (ٻيو:) اللہ پاڪ جي رضا جي لاءِ نمازن جي طرف سڏڻ وارو (يعني مؤذّن). (ٽيون:) اھو غلام جنھن پنھنجي ربّ ۽ پنھنجي دنياوي آقا جو معاملو چڱي طريقي سان نڀايو.“
(معجم اوسط،425/6 ، رقم:9280)

## آفتن جا فضائل ۽ 20 روحاني علاج

ٽي فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) مسلمان کي جيڪا بہ تڪليف، بيماري، ڏک، پريشاني، ايذاء ۽ غم پھچي ايستائين جو جيڪڏھن ان کي ڪنڊو بہ لڳي وڃي، اللہ پاڪ ان جي سبب ان جا گناہ مٽائي ڇڏيندو آھي. ( بخاری ، 4 /3، حديث: 5641) (2) قيامت جي ڏينھن جڏھن مصيبت ۾ ورتل ماڻھن کي ثواب ڏنو ويندو تہ عافيت سان رھڻ وارا تمنا ڪندا تہ ”ڪاش! دنيا ۾ انھن جون کلون قينچين سان ڪپيون وڃن ھا.“ (ترمذی، 180/4، حديث: 2410) (3) جيڪو ھڪ رات بيمار رھيو، صبر ڪيائين ۽ اللہ پاڪ جي رضا تي راضي رھيو تہ اھو گناھن کان ايئن نڪري ويو جيئن ان جي ماءُ ان کي اڄ ئي ڄڻيو ھجي. (نوادرالاصول ، 147/3)

جے سوہنا میرے دُکھ وِچ راضی    تے میں سُکھ نوں چُلّھے پاواں

❁ اللہ پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت اُمُّ السّائب وٽ تشريف کڻي ويا، فرمايائون: توکي ڇا ٿيو آھي جو ڏڪي رھي آھين؟ عرض ڪيائين: بخار تي پيو آھي،

الله پاڪ ان ۾ برڪت نہ ڪري. فرمايائون: بخار کي برو نہ چئو جو هي انسان جي خطائن کي اهڙي طرح دور ڪندو آهي جيئن بٺي لوهہ جي ڪٽ کي. ( مسلم، ص1068، حديث: 6570 )

۞ حضرت عطاء بن ابو رَباح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تہ حضرت ابنِ عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما جن مونکي فرمايو: ڇا مان توهان کي اهلِ جنّت مان ڪاعورت نہ ڏيکاريان؟ مون عرض ڪيو: ضرور ڏيکاريو. فرمايائون: هيءَ حبشي عورت، جڏهن هي محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن وٽ آئي تہ هن عرض ڪيو: مونکي ”مرگهي جو مرض ٿي پيو“ آهي جنهن جي ڪري منهنجو ستر يعني پردي وارو جسم جو حصو کُلي وڃي ٿو لهٰذا الله پاڪ کان منهنجي لاءِ دعا ڪيو. ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن تون چاهين تہ صبر ڪرين ۽ تنهنجي لاءِ جنّت آهي ۽ جيڪڏهن چاهين تہ مان الله پاڪ کان تنهنجي لاءِ دعا گهران تہ هو توکي عافيت عطا فرمائي. تہ ان عرض ڪيو: مان صبر ڪنديس. پوءِ عرض ڪيائين: منهنجو پردو کلي وڃي ٿو، الله پاڪ کان دعا گهرو تہ منهنجو ستر نہ کُلندو ڪري. پوءِ پاڻ ان جي لاءِ دعا فرمايائون. (بخاری 6/4، حديث: 5652)

۞ حضرت ضحاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو قول آهي: جيڪو هر چاليهہ(40) رات ۾ هڪ ڀيرو بہ آفت يا فڪر ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ناهي ٿيو ان جي لاءِ الله وٽ ڪا ڀلائي ناهي. (مكاشفة القلوب ، ص15)

منهنجا بيمار، خوشنصيب! ڏٺو توهان! بيماري ۽ آفت ڪيڏي وڏي نعمت آهي جو هن جي برڪت سان الله پاڪ ٻانهي جا گناهہ مٽائيندو ۽ درجات وڌائيندو آهي، بيشڪ مرض هجي يا زخم، ذهني ٽينشن هجي يا گهبراهٽ، ننڊ گهٽ ايندي هجي يا نفسياتي امراض،

اولاد جي ڪري غم هجي يا بي اولاديءَ جو صدمو، روزي جي تنگي هجي يا قرض جو وڏو بار مطلب تہ مسلمان کي مصيبتن تي ثواب ملندو آهي، هر صورت ۾ صبر سان ڪم وٺو چوتہ بي صبري سان تڪليف تہ ويندي ناهي ابتو نقصان ٿي ٿيندو آهي اهو تمام وڏو نقصان يعني صبر جي ذريعي هٿ اچڻ وارو ثواب ئي ضايع ٿي ويندو آهي. ياد رکو! سڀ کان خطرناڪ بيماري ڪفر جي بيماري آهي ۽ گناهن جي بيماري بہ سخت ڳڻتي جوڳي آهي. آفت ۽ مصيبت ۽ بيماري ۽ پريشاني ماڻهن کان لڪائڻ ثواب جو ڪم آهي. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن جي مال يا جان ۾ مصيبت آئي پوءِ هن ان کي لڪائي رکيو ۽ ماڻهن سان شڪايت نہ ڪيائين تہ الله پاڪ تي حق آهي تہ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي.“ ( معجم اوسط، 214/1، حديث737)

حضرت شيخ سعدي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ پيرو درياء جي ڪناري تي هڪ بزرگ وينو هو ان جي پيرَ مبارڪ کي چيتي چڪ هنيو هو ۽ زخم تمام خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويو هو ماڻهو جمع هئا ۽ ان تي رحم ڪائي رهيا هئا. پر اهي فرمائي رهيا هئا، ڪا ڳڻتيءَ جي ڳالھ ناهي هي تہ شڪر جو مقام آهي جو مونکي جسماني مرض مليو، جيڪڏهن مان گناهن جي مرض ۾ مبتلا ٿي وڃان ها تہ ڇا ڪيان ها! (گلستان سعدی ، ص 60 )

(1) روزي جي لاءِ: يَا مُسَبِّبَ الْاَسْبَابِ 500 پيرا، اوّل آخر 11، 11 پيرا درود شريف، عشاء جي نماز کان بعد قبلي ڏانهن منهن ڪري باوضو متي اگهاڙي اهڙيءَ جڳھ تي پڙهو جو متي ۽ آسمان جي درميان ڪا شيءِ حائل(رڪاوٽ) نہ هجي، ايستائين جو متي تي ٽوپي بہ نہ هجي. اسلامي ڀينرون اهڙيءَ جڳھ تي پڙهن جتي ڪنهن اجنبي

يعني غير محرم جي نظر نہ پوي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! روزيءَ جي تنگي دور ٿيندي. (2) يَا اللهُ 101 ڀيرا ڪاغذ تي لکي ڪري تعويذ ٺاهي ڪري ٻانهن تي ٻڌي ڇڏيو، جائز ڪم ڌنڌي ۽ حلال نوڪريءَ ۾ دل لڳي ويندي. (3) سٽن ڏينهن تائين هر نماز کان بعد يَا رَزَّاقُ يَا رَحْمٰنُ يَا رَحِيْمُ يَا سَلَامُ 112 ڀيرا پڙهي ڪري دعا گهرو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بيماري، تنگدستي ۽ محتاجي کان نجات حاصل ٿيندي.

(4) چوري کان حفاظت: يَا جَلِيْلُ (اي بزرگي وارا) 10 ڀيرا پڙهي ڪري پنهنجي مال ۽ اسباب ۽ رقم وغيره تي دم ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم چوري کان محفوظ رهندو. (5) شاديءَ جي لاءِ: جنهن ڇوڪرين جي شادي نہ ٿيندي هجي يا مڱڻي ٿي ڪري ٽٽي پوندي هجي اها نمازِ فجر کان بعد يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام 312 ڀيرا پڙهي ڪري پنهنجي لاءِ نيڪ رشتي ملڻ جي دعا گهرن، اِنْ شَآءَ الله جلد شادي ٿي ويندي ۽ مڙس بہ نيڪ ملندو. (6) يَا حَيُّ يَاقَيُّوْم 143 ڀيرا لکي ڪري تعويذ ٺاهي ڪري ڪنوارو پنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌي يا ڳچيءَ ۾ پائي ڇڏي ان جي جلد شادي ٿي ويندي ۽ گهر بہ سٺو هلندو (7) اولادِ نرينہ جي لاءِ: يَامُتَكَبِّرُ 10 ڀيرا، گهر واريءَ سان ”ميلاپ“ کان پهريان پڙهي وٺڻ وارو نيڪ پٽ جو پيءُ بڻجندو. (8) حامله (پيٽ واري) شهادت جي آڱر سان پنهنجي ڌُن جي چوطرف گهمائيندي يَا مَتِيْنُ 70 ڀيرا پڙهي. هي عمل 40 ڏينهن تائين جاري رکي، الله جي فضل ۽ ڪرم سان پٽ عطا ٿيندو. هن عمل ۾ هر مرض جو علاج آهي. ڪو بہ بيمار هي عمل ڪري تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم شفا ماڻيندو (ڌُن تان ڪپڙو هٽائڻ جي ضرورت ناهي ڪپڙي جي مٿان ئي هي عمل ڪرڻو آهي) (9) حامله جي پيٽ تي هٿ

رکي ڪري مڙس هن طرح چئي: ’’اِنْ كَانَ ذَكَرًا فَقَدْ سَمَّيْتُهُ مُحَمَّدًا ترجمو: جيڪڏهن ڇوڪرو آهي ته ان جو نالو محمد رکيم“ (اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم ڇوڪرو پيدا ٿيندو. جيڪڏهن ڇوڻ وقت عربي عبارت جي معنٰي ذهن ۾ هجي ته ترجمي جا الفاظ ڇوڻ جي ضرورت ناهي نه ته ترجمي جا الفاظ به چئي)

(10) دشمن کان حفاظت جي لاءِ: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ هلندي ڦرندي اٿندي ويهندي ڪثرت سان پڙهڻ سان اِنْ شَآءَ الله دشمن کان حفاظت ٿيندي.

(11) گم ٿي ويل انسان وغيره ملڻ ۽ هر حاجت جي لاءِ: الله پاڪ جي رحمت تي مضبوط ڀروسي سان هلندي ڦرندي، وضوءَ، بنا وضوءَ جي وڌ کان وڌ تعداد ۾ يَارَبِّ مُوْسٰى يَارَبِّ كَلِيْم بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّ حِيْم ط پڙهندا رهو. انهي دوران ڪجهه ڀيرا درودِ پاڪ به پڙهي ونو. گم ٿيل انسان، سون، مال، گاڏي وغيره اِنْ شَآءَ الله ملي ويندي. بلڪ ٻين حاجتن جي لاءِ به هي عمل مفيد آهي.

(12) اثرات جو روحاني علاج: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 41 ڀيرا لکي (يا لکرائي) ڪري پلاسٽ ڪوٽنگ ڪري چمڙي يا ريگزين يا ڪپڙي ۾ سبي ڪري ٻانهن ۾ ٻڌڻ يا ڳچيءَ ۾ پائي ڇڏڻ سان، اِنْ شَآءَ الله اثرات دور ٿيندا.

(13) جادو جو روحاني علاج: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 101 ڀيرا پڙهي ڪري سِحر زده (يعني جنهن تي جادو ڪيو ويو هجي ان تي) دم ڪيو وڃي يا هيءُ ئي لکي (يا لکرائي) ڪري ڌوئي ڪري پياريو وڃي ته اِنْ شَآءَ الله سِحر (يعني جادو) جو اثر ختم ٿي ويندو.

(14) جيڪڏهن ننڊ نه ايندي هجي ته: جيڪڏهن ننڊ نه ايندي هجي ته لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 11 ڀيرا پڙهي ڪري پنهنجو پاڻ تي دم ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَ الله ننڊ اچي ويندي.

(15) ڪينسر جو روحاني

علاج: اوّل آخر يارهن ڀيرا دُرودِ ابراهيمي ۽ وچ ۾ ”سورۃِ مريم“ پڙهي ڪري پاڻيءَ تي دم ڪيو، ضرورت پوڻ تي ٻيو پاڻي ملائيندا رهو، بيمار اهو ئي پاڻي سڄو ڏينهن پيي، هي عمل 40 ڏينهن تائين مسلسل ڪندا رهو، اِنْ شَآءَ الله شفا حاصل ٿيندي. (ٻيو ٻہ پڙهي ڪري دم ڪري پياري سگهي ٿو) (16) بخار جو روحاني علاج: يَا غَفُوۡرُ ڪاغذ تي ٽي ڀيرا لکي (يا لکرائي) ڪري، پلاسٽ ڪوٽنگ ڪري چمڙي يا ريگزين يا ڪپڙي ۾ سبي ڪري ٻانهن ۾ ٻڌي يا ڳچيءَ ۾ پائي ڇڏيو اِنْ شَآءَ الله هر قِسم جي بخار کان نجات ملندي.

(17) هيپا ٽائٽس جو روحاني علاج: هر ڀيري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّ حِيۡمِ ؕ سان گڏ ”سورۃِ قُريش“ 21 ڀيرا (اوّل آخر 11 ڀيرا درود شريف) پڙهي (يا پڙهائي) ڪري آبِ زم زم شريف يا ان پاڻيءَ ۾ جنهن جي اندر آبِ زم زم جا ڪجُھ قُٽرا شامل هجن، دم ڪيو ۽ روزانو صبح، منجهند ۽ شام جو پيو. اِنْ شَآءَ الله 40 ڏينهن جي اندر اندر شفاياب ٿي ويندا. (صرف هڪ ڀيري دمڪيل پاڻي ڪافي آهي ضرورت مطابق وڌيڪ پاڻي ملايو)

(18) پتي ۽ مثاني جي پٿريءَ جو روحاني علاج: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 46 ڀيرا سادي ڪاغذ تي لکي ڪري پاڻيءَ ۾ ڌوئي ڪري پيئڻ سان پتي ۽ مثاني جي پٿري اِنْ شَآءَ الله ذرا ذرا ٿي ڪري نڪري ويندي. (علاج جي مدت: تا حصولِ شفا) (19) دل ۽ سيني جي بيمارين جو روحاني علاج: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 75 ڀيرا پڙهي ڪري دل ۾ سوراخ واري بار ۽ گهبراهٽ، دل ۽ سيني جي تمام مريضن جي سيني تي دم ڪرڻ الله پاڪ جي فضل سان فائدي مند آهي. (20) هر طرح جي بيمار جو روحاني

علاج: يَا مُعِيۡدُ دائمي بيمار هر وقت پڙهندو رهي، الله پاڪ صحت عنايت فرمائيندو.

## پنهنجا ڏندَ غورسان آئيني ۾ ڏسي وٺو

❁ خيرخواهي جي جذبي جي تحت ثواب ڪمائڻ جي لالچ ڪندي عرض آهي تہ جيڪڏهن توهان جا ڏندَ ميرا يا ڦڪا ٿي ويا آهن تہ دل سان سگِ مدينہ عُفِيَ عَنۡہُ جي طرفان ڪجھ مدني گُلَ قبول فرمايو، اِنۡ شَآءَ الله تمام گهڻو فائدو ٿيندو.

❁ ميرا خراب ڏندَ ٻين جي لاءِ ڪراهيت ۽ نفرت جو باعث ٿيندا آهن ملاقات وغيره ڪرڻ واري تي ميرن ڏندَن واري جي شخصيت جو اثر چڱو ناهي پوندو ❁ پان گهٽڪو وغيره گهڻو کائڻ وارا چڻ تہ پيسا ڏئي ڪري پنهنجي ڏندن جو حسن تباھ ڪندا، وات جا ڇالا ۽ ڪينسر خريد ڪندا آهن ❁ ڏندڻ سنّت جي مطابق چڱي طرح مَهٽي ڪريو ❁ کائڻ کان بعد خلال ڪرڻ جي عادت بڻايو جڏهن بہ ڪجھ کائو يا چانھ وغيره پيو، ٻہ پري ڪري ڪجھ منٽ وات جي اندر پاڻي گهمائيندا رهو هن طرح وات جو اندروني حصو ۽ ڏندَ ڪجھ نہ ڪجھ ڌوپجي ويندا. ❁ سمهڻ وقت ٽڙي ۽ ڏندَ چڱي طرح صاف هئڻ گهرجن، نہ تہ ٽڙيءَ ۾ تڪليف ۽ ڏندن ۾ ميراڻ جي تھ مضبوطيءَ سان ڄمندي، بند وات جي اندر غذا جا اجزا سڙڻ سان وات ۾ ڏپَ ٿيندي ۽ جراثيم پيٽ ۾ وڃڻ سان طرح طرح جون بيماريون پيدا ٿي سگهن ٿيون ❁ سمهڻ ۾ پيٽ جون خراب هوائون مٿي اٿنديون آهن تنهنڪري وات ۾ ڏپَ ٿي ويندي آهي، اٿڻ

مهل فوراً هٿ ڌوئي ڪري مسواڪ ڪري گڙيون ڪريو، اِنْ شَآءَ الله واتَ جي ڌپ ختم ٿي ويندي.

## (ڏندَ صاف ڪرڻ جي) بهترين دوا

مناسب مقدار ۾ ڪائڻ جو سوڊو ۽ اوترو ئي لوڻ ملائي ڪري بوتل ۾ وجهي ڇڏيو، بهترين دوا تيار آهي. جيڪڏهن موافق هجي ته روزانو هن سان ڏندَ مَليو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم جلد ئي ڏندن جي ميراڻ لهندي ڏسندؤ. مثال طور ڏندن جي مهار يا وات ۾ ڪنهن جڳهه ساڙو وغيره محسوس ٿئي ته مقدار گهٽ ڪري ڏسو ، اجان به تڪليف ٿئي ته صفائي جي ڪا ٻي تدبير ڪيو، ڏندَ بهرحال صاف هئڻ گهرجن.

**مدني گلُ:** هر طرح جي صفائي سنّت ۽ شريعت کي مطلوب آهي.

بدبو نہ ذہن میں ہو، دانتوں کی صفائی ہو
مہکائی دُرودوں کی مُنہ میں ترے بھائی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

